MONTHLY WAIJ KARACHI

وڃُ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سُکيو ٿيين (شاهہ)

# ماهوار ويڄ ڪراچي

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT



## ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن
## ڪراچي اوڀر

# پنهنجي ضلعي کي صاف سٿرو رکو ۽ گند اڇلائڻ لاءِ گندڪربون استعمال ڪريو. گھٽين ۽ محلن ۾ گند هرگز نہ اڇلايو

# ياد رکو

صاف سٿرو ماحول ڪي اسانجي
بهتر صحت جي ضمانت آهي

**صفائي لاءِ**

بلديہ اوڀر جي صحت کاتي
سان ڀرپور تعاون ڪريو

جاري ڪندڙ

**اطلاعات ۽ تعلقات عامہ کاتو**
**ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ڪراچي اوڀر**

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويچ جتي پڑهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڑهه ۽ اڻڄاڻ ماڻهن کي به صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم" جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبه اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويچ جون لکڻيون پڑهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويچ کان مانوس نه آهن يا وري لکي پڑهي ڪونه ٿا ڄاڻن. تن کي ويچ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبه ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم پري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويچ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويچ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ ڪانپوءِ ميمبرن جي ساليانې گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي ته هيٺيون فارم ڀري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

**ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم**

معرفت ماهوار ويچ ؛ ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

## حلف نامي تي عزم

آءُ ______________________ پٽ / ڌيءُ / زال ______________________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءُ ان ڳالهه جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان ته بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / نندائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

## ذاتي تفصيل

نالو ______________________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________________

ذات ______________________ ڌنڌو ______________________

تعليم ______________________

ٻيون مصروفيتون ______________________

ائڊريس: ______________________

______________________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي به استعمال ڪري سگهجي ٿي.

## ايڊيٽوريل

# طبي عملي جي صحت سنڀال

اسان وٽ صحت جون سهولتون پهچائيندڙ ۽ صحت جون سهولتون حاصل ڪندڙ، ٻئي ڌريون ڪنهن هڪ خاص سطح تي اچي صحت جي سهولتن کان محرم ٿي وڃن ٿيون. صحت جون سهولتون حاصل ڪندڙن جون دانهون ته هر وقت هرڪنهن کي ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن، پر صحت جون سهولتون پهچائيندڙن جي حال تي به سوچڻ ضروري آهي. هن طبقي ۾ ڊاڪٽرن کان وٺي ڊسپينسر ۽ لوئر اسٽاف تائين سڀ جو سڀ صحت پهچائيندڙ عملو اچي وڃي ٿو. ڊاڪٽر هجي يا ڊسپينسر، نرس هجي يا ٽيڪنيشن هر هڪ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي صحت جي سهولتن ڏيڻ ۾ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ انهن اهم حيثيت رکندڙن کي جڏهن به پنهنجي ذاتي يا گهر وارن جي بيماري بڙي جو مسئلو سامهون اچي ٿو ته سندن حالت رحم جوڳي هوندي آهي. هڪ طرف ته انهن جي پگهار سرڪاري گريڊن مطابق محدود هوندي آهي، ته ٻئي طرف اهي سڀئي سڳورا خانگي پريڪٽس جو مزو به ماڻي نه سگهندا آهن. ڪيترائي اهڙا ڊاڪٽر، ڊسپينسر، نرسون، ٽيڪنيشن ۽ خاص ڪري اسپتالن جو ٻيو لوئر اسٽاف، جن جو گذارو سڪي پڪي سرڪاري پگهار تي هوندو آهي ۽ انهن جو ٻيو ڪو معاشي ذريعو نه هوندو آهي، سڀئي صحت جي سرڪاري سهولتن کان محروم آهن.

جڏهن ته ڪيترن ئي سرڪاري ادارن/آرگنائيزيشنس وغيره جي آفيسرن کان وٺي چپراسين تائين جيڪي به فرد هوندا آهن انهن کي جيڪي علاج معالجي جون سهولتون حاصل آهن، سي ڪنهن کان ڳجهيون نه آهن. ڪين او. پي. ڊي کان وٺي وڏين وڏين اسپتالن ۾ داخلا توڙي ٽيسٽن ويندي وڏين وڏين سرجيڪل آپريشنن ڪرائڻ تائين جون سهولتون سندن ادارن پاران حاصل هونديون آهن، پر انهن جي مقابلي اسان وٽ صحت جي ميدان ۾ ڪم ڪندڙ عملي توڙي ڊاڪٽرن کي سندن ۽ خاندان جي فردن جي علاج معالجي جي اهڙي سرڪاري سطح تي ڪابه سهولت حاصل ڪونه آهي. وڏن شهرن ۾ نالي ماتر سروسز اسپتالون موجود آهن، پر انهن ۾ به سهولتن جو معيار انتهائي اڻپورو ۽ گهٽ آهي. باقي ننڍن ڳوٺن/شهرن توڙي ڪيترن ئي ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ته سروسز اسپتالن جو به تصور ئي ڪونهي. هاڻي اهو عملو جيڪو وڏا شهر ڇڏي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ صحت جون سهولتون پهچائي ٿو، تنهن کي شايد اها اضافي سزا ڏني ٿي وڃي.

اسان وس وارن کي اها التجاءِ ڪائڻ گهر ڪنداسون ته صحت جي سهولتن پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عملي توڙي ڊاڪٽرن کي دوائن ۽ علاج معالجي جي ٻين سهولتن لاءِ خاص پيڪيج هيٺ سهولتون ڏنيون وڃن، نه ته انهي صورتحال کي "ڏيئي جي پاڙ ۾ اونده" جي برابر ليکيو ويندو.

**"ادارو"**

# پاڪستان ريلويز

فرائيٽ بزنس يونٽ ڪراچي

تاريخ :1999-12-23

نمبر196-S/L.P/MAT/FBU/TS

## سبجيڪٽ : شارٽ ٽينڊر نوٽيس

ٽريفڪ اسٽورس اوور ڪراچي ڊويزن جي مجيل نيڪيدارن سپلائرز کان ميٽريلس جي سپلاءِ لاءِ مهر بند ٽيندرس گهرائجن ٿا. ائٽمس جي تفصيلن ۽ نيڪي جي ٻين شرطن، ضابطن سوڏا ٽيندر ڊاڪيومينٽس، ٽريفڪ اسٽورس پاڪستان ريلويز ڪراچي وٽان آفيس اوقات دوران 1999-12-27کان =/200روپين جي روڪ ادائگي (ناقابل واپسي) ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽيندر لازمي طرح سان ڊويزنل اڪائونٽس آفيسر (ايف بي يو) پي آر ڪراچي جي آفيس واقع ڊويزنل سپرينٽنڊنٽ آفيس پاڪستان ريلويز ڪراچي ۾ رکيل ٽيندر باڪس اندر 1999-12-30جي صبح جو 11 وڳي تائين وجهڻ گهرجن، جيڪي ساڳئي تاريخ تي صبح جو 11 لڳي 5 منٽن تي کوليا ويندا.

صحيح

**(محمد يوسف سومرو)**

فار ايريا مئنيجر (ايف بي يو)

پاڪستان ريلويز ڪراچي

P.I.D (K) 437



سنڌ سائنس اڪيڊمي پاران سنڌي زبان ۾ نڪرندڙ
صحت ۽ ماحول بابت ماهوار رسالو

undp GEF

ماهوار

# صحت ۽ ماحول

Regd. No. SC-NS-81

SINDH SCIENCE ACADEMY سنڌ سائنس اڪيڊمي

ايڊيٽر: علي مرتضيٰ ڌاريجو

واري اٿـر پيـار جي اهڙي فـضـا جڙي پوي ٿي، جنهن سـان مايوسي، اڪيلائي ۽ چڙ جهڙا منفي جذبا ختم ٿي وڃن ٿا.

**اسين ساڳئي مسئلي يا سوال تي آسان طبي حوالي سان سوچيون ٿا ته، ائين ڇو آهي؟**

اسـان جون وڏڙيون ٿـج ڌارائڻ تي گـهـٽي يـاڳي پهـريات ۽ غير تجربيڪار نينگرين کي همٿائينديون ۽ پنهنجي وسـيع تجربي جي روشنيءَ ۾ اتساهه ڏيارينديون نظر ايندڀون آهن. اڄ جديد طبي تحقيق ڪانپوءِ اهو طبي سائنس لاءِ ڇٽڪ نئون انڪشاف آهي ته مـاءُ جو ٻار کي خصـوصي ۽ لڳاتار ٿج ڏيندو رهڻ ڪري مـاءُ ۾ نـه رڳو آنيـاري مـدي (Ovulation Period) ۾ دير (Delay) پيدا ٿـئي ٿي پـر انـهـي ڪـري رت ڳاڙ (Mensuration Period) يـا مـاهواري بـه دير ســان اچي ٿي. جنهن ڪري ٻار ســرجڻ (Fertility) جي عمل ۾ بـه ساڳي صورتحال پيدا ٿي پوندي آهي، اهوئي سبب آهي جو ٻار- دير سان پيدا ٿيندا آهن، جنهن کي طبي سـائنس جي اصطلاح ۾ ٻار وٿي (Child Spacing) چئجي ٿو. ٿج ڌارائڻ ڪري ٻارڙ ٿـيڻ (Lactational Infertility) واري عمل ۾ ٽي طريقا اثر انداز ٿين ٿا:

پهريون- **خصوصيت** (Exclucivity) يا ترجيحي بنيادن تي ٻار کي ماءُ پاران ٿج ڏيڻ يا ڏيندو رهڻ، جنهن ۾ ماءُ جي کير کـان سـواءِ (خوراڪ طور) ٻي ڪابـه اضـافي خوراڪ شـامل نـه هجي.

ٻيون- **ٿج ڌارائڻ واري عرصي جو مدو (Duration)** ته اها (ماءُ) پنهنجي ٻار کي ڪيترن هفتن يا مهينن تائين لڳاتار ٿج ڏيندي رهي ٿي.

ٽيـون- **تسلسل (Frequency)** يـا 24 ڪـلاڪـن يـا هڪ ڏينهن ۾ ٿج ڌارائڻ جو وقت ۽ ڳاٽيتو.

انهي قسم جي نئين ڄاڻ جي اهميت صحت جي ميدان ۾ انهيءَ ڪري آهي جو انهي جو ٻار پيـدا ٿـيـڻ واري وٿيءَ ۽ ٻار جي جياپي (Survival) سان سڌو سنئون لاڳاپو آهي. اهڙا حمل (ٿوري ٿوري وٿيءَ سـان ٿـيندڙ پيٽ) جن ۾ تمام ٿـورو وقفو هوندو آهي، نئين ڄاول ٻار توڙي اڳ ڄاول وڏي ٻار، ٻنهي جي صـحت لاءِ خطرو پيـدا ڪري وجهندا آهن. ڪيـتـرن ئي طبي مطالعن ۾ ڪـوجنائن ڪـانپـوءِ اهو چٽي طرح ڄاتو ويو آهي تـه ابهم ٻارڙن جي موت جي ڳاٽيتي يا شـرح ۾ انهيءَ صورت ۾ تيزيءَ سـان واڌارو ايندو آهي جڏهن اهڙين سـانده (Successive) هڪبئي پٺيان ٿيندڙ اميدوارين (Pregnancies) جي وقفي ۾ گـهـٽـتـائي ايندي آهي، نئين ابـهـم ريـــاتيءَ جي اچڻ ڪري، پهرئين ٻار جي ٿج بند ٿي ويندي آهي يا بند ڪرائي ويندي آهي، جنهن ڪري اهو پنهنجي قـدرتي خوراڪ ۽ پالنا جي وسيلي ڪـان مـحـروم ٿي ويندو آهـي. اهـڙي ريـت خود ان ماءُ جا اڳئين حمل دوران طبيعي وسيلا کوٽ جو شـڪـار ٿـيڻ ڪري اٿـپورائيءَ جو سـبب ٿي پونـدا آهن. اهڙي اٿـپـورائي نئين حمل جي صحت مند واڌاري تي اثر ڪندي آهي، جنهن ڪري گـهـٽي يـاڳي ڪـمـزور ٻار پيـدا ٿـيندا آهن. اهڙي قـسـم جي صورتحال کان بچاءَ لاءِ ضـروري آهي تـه ماءُ ۽ ٻار جي صحت لاءِ ٻن امـيـدوارين (Pregnancies) جي وچ ۾ گـهـٽ ۾ گهٽ ٻن سالن (24 مهينن) جي وٿي ضرور هجي.

ٿج ڏيڻ ڪري ٻار ڄمڻ ڪـانپــوءِ پيٽ ۾ ٻار نـه ســرجڻ (Postpartum Infertility) جي ثابتيءَ جو اثر بهـتـر نتيجا ڏئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ئي معاشرن ۾ ٻارن ۾ وٿي پيدا ڪندڙ هيءَ عمل ڪٽنبي رٿابنديءَ جي طريقن جي جاءِ تي زور ونندو پيو وڃي. جنهن ڪري ٻي اميدواري کي ڍر ڏيڻ لاءِ ٿج پيـارڻ وارو طريقـو تمام اهم طريقـو آهي. اهڙي اميدواري جنهن تي تمام جلدي ٿيڻ ڪري مـاءُ يا ڳيور ۽ ٻار (ڳپ) جي صحت تي خراب اثر پوندا هجن، کان بهـتر آهي تـه ان ۾ معياري صحت جي سوال کي ترجيح ڏني وڃي.

**ٻار پيدا ٿيڻ ۾ وٿي ڪرڻ لاءِ ٿج ڏيڻ جي اهميت:**

ڪيترين ئي مطالعاتي تحقيقن ڪانپوءِ اهو ثابت ٿيو آهي تـه ٿج ڌارائڻ وارو عرصو جيترو ڊگهو هوندو، اوتروئي اڳ ڄاول ٻار ۽ اميدواريءَ جي وچ ۾ وقفو يا وٿي پيدا ٿيندي. هر مهيني ماءُ پاران ترجيحي طور تي ٻار کي ٿج ڏيڻ جو عمل سراسري طور

اسان جون وڏڙيون ٿج ڌارائڻ تي گهٽي ياڳي پهريات ۽ غير تجربيڪار نينگرين کي همٿائينديون ۽ پنهنجي وسيع تجربي جي روشنيءَ ۾ اتساهه ڏيارينديون نظر ايندڀون آهن. اڄ جديد طبي تحقيق ڪانپوءِ اهو طبي سائنس لاءِ ڇٽڪ نئون انڪشاف آهي

> ڪيترين ئي مطالعاتي تحقيقن کانپوءِ اهو ثابت ٿيو آهي ته ٿڃ ڌارائڻ وارو عرصو جيترو ڊگهو هوندو، اوتروئي اڳ ڄاول ٻار ۽ اميدواريءَ جي وچ ۾ وقفو يا وٿي پيدا ٿيندي.

تـي جم واري وٿـيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ پندرهن ڏينهن (ٻن هفتن) جو واڌارو آڻي ٿـو. مـثـال طور اهـڙا مـلـڪ جن ۾ جم روڪ جا طور طريقا لڳاتار استعمال ۾ نٿا آندا وڃن، انهن ۾ ٿڃ ڌارائڻ واري ٽيڪنڪ تي عمل ڪندي جم ۾ وٿيءَ جو وقفو 30 مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو.

## ٿڃ ڏيڻ جو ٻار پيدا ڪرڻ واري صلاحيت - ڪيجڻ تي اثر:

ٿڃ ڏيڻ ڪري ٻار ٿيڻ يا سنجرڻ واري صلاحيت جي واپسيءَ ۾ دير ٿيڻ واري عمل جي ميڪانيڪيت (Mechanism) کي پوري ريت ته ڪونه ڄاتو ويو آهي پر ڏٺـو اهو ويو آهي ٻار کي ٿڃ ڏيڻ وقت مـاءُ (ڳيـور) جي ارهن (Breasts) ۽ ارهه جي ٻنڊ (Nipple) ۾ ٻار جي چڪڙ (چوسڻ) سان، هڪ اسٽيمولس (Stimulous) پيدا ٿيندو آهي، جيڪو جنسي غدودن (Harmones) جي رطوبتن جي پيداوار ۾ مداخلت ڪندو آهي، جنهن ڪري دماغ، پچيوئيٽري ۽ آنيدانين وارن غدودن جي خارج ٿـيندڙ اهڙين رطوبتن کي خارج ٿـيڻ کـان روڪيندو آهي، جيـڪي آنجڻ (Ovulation) لاءِ ضـروري آهن. پر جڏهن مـائرون پنهنجي ٻار کي ٿڃ بدران ٻي اضـافي خوراڪ ڏيڻ شـروع ڪن ٿـيون، جنهن ڪري سندن ارهه ۾ پيدا ٿيندڙ چڪڙ وارو اسٽيمولس گهٽجي ويندو آهي، انهيءَ تبديليءَ جي ڪري آنجڻ ۽ ڪيجڻ يا اميدواريءَ جي اسرڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن.

## ٿڃ ڌارائڻ ڪري ٻار ۾ وٿيءَ جو عمل ڪيترو وقت تائين رهي سگهي ٿو؟

جيئن تاڪيد سان ورجائي ورجائي ٿڃ ڌارائڻ ڪري ٻار ڄمڻ کـانپوءِ ٻار ڄمڻ جي صلاحيت جي واپسيءَ (Return of Fertility) ۾ دير ٿـيڻ اهميت واري آهي، تيئن ٻار ڄمڻ کـانپوءِ هڪ گهربل وقت ۾ واڌارو اچڻ پڻ اوتروئي اهميت رکي ٿـو. هڪ قـدرتي طور تي ٻار ٿـيڻ ۾ وٿي پيـدا ڪندڙ طريقي جي حوالي سان ٿڃ ڌارائڻ جو عمل ٻار ڄمڻ کـانپوءِ شروعاتي مهينن ۾ نهايت ئي اثرائتو عمل آهي. جڏهن ته ٻار ۾ وٿي آڻيندڙ هي عمل وقت گذرڻ سان گڏوگڏ آهستي آهستي پنهنجو اثر ڇڏي ويندو آهي.

مثال طور؛ ٻار ڄمڻ کـانپوءِ6 مـهـينن تائين، اهڙي ڳيورري مـاءُ، جنهن جي اڃا ماهواري شروع نه ٿي هجي ۽ 24 ڪلاڪن جي عرصي دوران اها پنهنجي ٻار کي گهرج آهر کير ڌارائيندي رهي هجي، ساڳئي وقت رات جو سمهڻ ويل به کير ڌارائڻ کانسواءِ ٻي ڪابه اضافي خوراڪ يا مٿيون (بازار جو) کير وغيره نه ڏيندي هجي ته ان جي ڦرجڻ يا پيٽ سان ٿيڻ جا گهٽ (هڪ سو منجهان 2 سيڪڙو امڪان) امڪان هوندا آهن.

ٻار ڄمڻ کان 12 هين مهيني، اهڙي ماءُ جنهن کي اڃا ڪپڙا (Menses) نه آيا آهن ۽ ساڳئي وقت اها پنهنجي ٻار کي ٿڃ ڌارائيندي ساڳيو طريقو اختيار ڪندي اچي ٿي ته ان ماءُ جي ڦرجڻ جا وڌيڪ امڪان آهن.

## ڇا ٿڃ سان گڏ ٻي خوراڪ شامل ڪرڻ سان اميدواري ٿي سگهي ٿي؟

جيئن ئي ٻار جي خوراڪ ۾ ٿڃ کان علاوه اضافي خوراڪ جو واڌارو ڪيو ويندو آهي ته ٻار جي ماءُ جو کير ڌائڻ واري هير، يا چڪڙ ۽ ماءُ جي ارهه ۾ پيدا ٿيندڙ کير جي فريڪوئنسيءَ ۾ تبديلي پيدا ٿيندي آهي. مطالعاتي رپورٽن مان اهو به ڏٺو ويو آهي ته ٿڃ سان گڏ ٻئي قسم جي خوراڪ ۽ ماهواري توڙي اميدواريءَ واري صلاحيت جي واپسيءَ ۾ هڪ سٻنڌ رهيو آهي. جيتوڻيڪ مختلف ثقافتي ۽ سماجي گروپن ۾ کير ڌارائڻ يا ٻي کنهن واڌو خوراڪ جي استعمال ۾ فرق ٿي سگهي ٿو، پر خوراڪ ۾ اهڙي تبديلي ان ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته ماءُ يا ڳيورري هاڻي ٻار کي پنهنجو کير ڌارائڻ وارن وقتن ۾ گهٽتائي آڻڻ چاهي ٿي. توڙي جو ائين ڪرڻ سان هن جو مقصد ٻار جو کير (ٿڃ) گهٽائڻ نه هجي، پر تنهن هوندي به امڪان اهو هوندو آهي ته جيئن ته خوراڪ جو نوع (نمونو) ۽ مقدار تبديل ٿئي ٿو (يعني وڌيڪ ريگيولر ۽ وڌيڪ سخت کاڌو) تيئن خود ٻار جي هير يا عادت ۾ پڻ تبديلي اچڻ لازمي آهي، يعني پوءِ هو چڪڙ (Suckling) جي جاءِ تي چٻڙ (Swallow) جو به هيراڪ ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ ٻبو گهٽ وٺندو يا ڌائيندو. ٻا رجي چڪڙ ۾ اهڙي نموني وقت ۾ گهٽتائي ۽ فريڪوئنس (سلسلي) جي گهٽتائيءَ جو لاڳاپو عورت جي

# رِيبيز/هائڊرو فوبيا

# HYDROPHOBIA/RABIES

اختر آزاد چانڊيو
ٽيون سال ايم. بي. بي. ايس
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج
لاڙڪاڻو

ريبيز يا هائڊرو فوبيا هڪ انتهائي موتمار وائرسي بيماري آهي، جيڪا مرڪزي تنتي سرشتي تي اثرانداز ٿئي ٿي. هن بيماريءَ جو وائرس جهنگلي جانورن خاص طور تي ڪتي، ٻلي، لومڙي، چمڙي ۽ ڪجهه ٻين کير پياڪ جانورن ۾ موجود هوندو آهي. جڏهن ته ڪئي جي چڪ پائڻ سان هيءَ بيماري بلڪل نه ٿيندي آهي.

ڪنهن به اهڙي چتي جانور جي چڪ سان، زخمي جڳهه تي ان جي ٿڪ يا رت لڳڻ سان هن بيماريءَ جو وائرس انسان ۾ منتقل ٿي سگهي ٿو. جسم ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ هن بيماريءَ جو وائرس تنتي ڌاڳن (Nerve fi-bers) جي مدد سان پهريائين مغزي ڏوري ۽ بعد ۾ دماغ تائين پهچي ٿو ۽ ان کان بعد ۾ جسم جي مختلف عضون ڏانهن منتقل ٿئي ٿو. واضح رهي ته وائرس جي مرڪزي تنتي سرشتي تائين پهچڻ ڪانپوءِ ان جو ڪوبه علاج نه آهي. هن بيماريءَ جو وائرس جسم ۾ تقريبن ١٠ ڏينهن تائين رهندو آهي. تنهن ڪري ڪوبه چتو جانور وڌ ۾ وڌ ١٠ ڏينهن تائين زنده رهي سگهي ٿو.

## چتي جانور جون علامتون

جيڪڏهن اوهان کي مٿي ڄاڻايل جانورن ۾ هيٺيون نشانيون نظر اچن ته پوءِ پڪ سان اهو جانور چتو آهي.

(١) عام طور چتو جانور ٻري کان ٿي چريو نظر ايندو آهي، اهڙي جانور جو انسانن ۽ ٻين جانورن کان خوف بلڪل ختم ٿي ويندو آهي.

(٢) جانور جو کائڻ ۽ پيئڻ بلڪل بند ٿي وڃڻ.

(٣) جانور کي بار بار پيشاب اچڻ.

(٤) جانور کي بار بار مرگهيءَ جا دورا پوڻ، سندس دماغ جو باقي جسم تي ڪنٽرول ختم ٿي وڃڻ.

(٥) جانور جي مختلف عضون جو مفلوج ٿي وڃڻ.

(٦) جانور کي تمام گهڻي ٿڪ Saliva اچڻ (جنهن جو سبب سندس نڙي جو مفلوج ٿي وڃڻ سبب ڳيت ڏئي نه سگهڻ آهي).

(٧) ١٠ ڏينهن اندر جانور جو مري وڃڻ.

## ريبيز جون انسان ۾ علامتون:

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چتو جانور چڪ پائي ته ضروري نه آهي ته ان کي ريبيز جي بيماري هڪدم ٿي پوي، چو ته هي وائرس انساني جسم ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ تقريبن ١٠ ڏينهن کان هڪ سال تائين پنهنجي واڌ ويجهه ڪندو رهندو آهي ۽ ان عرصي دوران ڪابه بيماريءَ جي علامت ظاهر نه ٿيندي آهي. دراصل بيماريءَ جي ٿيڻ جو سڄو دارومدار وائرس جو مرڪزي تنتي سرشتي CNS تائين پهچڻ تي آهي، (يعني وائرس جو چڪ پاتل يا ٽڪ لڳل جاءِ کان دماغ تائين پهچڻ) ۽ هيءَ ئي اهو قيمتي وقت آهي جنهن دوران ويڪسين لڳرائي وائرس کي مرڪزي تنتي سرشتي تائين پهچڻ کان اڳ ئي ڪاميابيءَ سان روڪي سگهجي ٿو، پر جيڪڏهن هڪڙو دفعو به وائرس جو مرڪزي تنتي سرشتي تي حملو ٿيو ته ان جو ڪوبه علاج نه آهي.

جيڪڏهن خدانخواسته ڪنهن ماڻهو کي ريبز جي بيماري ٿي پوي ته عام طور هيٺيون نشانيون نظر اينديون آهن.

(١) پاڻي کان ڊپ Hydrophobia

(٢) بخار، مٿي جو سور، جسماني ڪمزوري، بي چيني

(٣) مختلف عضون جو مفلوج ٿيڻ.

(٤) چڪ پاتل جاءِ تي پهريائين سوڄ ۽ سور بعد ۾ ان جاءِ جو سُن ٿي وڃڻ.

(٥) نڙگهٽ ۽ نڙي جي اوچتو اوچتو سڪڙجڻ سبب کائي پي نه سگهڻ

# STAGES OF LIFE

انساني زندگيءَ جون منزلون

| Stage | Period | Phase |
|---|---|---|
| مادي جزو<br>OVUM + نر جزو<br>SPERMATOZOA | | |
| زئگوٽ<br>ZYGOTE | گرڀ کان اڳ وارو عرصو<br>(PRE EMBRYONIC PERIOD)<br>(نر ۽ مادي جزي جي ميلاپ کان وٺي<br>6 ڏينهن تائين) | پهريون مرحلو<br>(ماءُ جي پيٽ ۾) |
| جهڳٽ<br>MORULA | | |
| گرڀ<br>EMBRYO | ڇهين ڏينهن کان -<br>ٻين (2) مهيني تائين | |
| ٻچو<br>FOETUS | ٽئين مهيني کان -<br>ڏهين مهيني تائني | |
| ڄمڻ<br>BIRTH | | ٻيو مرحلو - |
| تازو ڄاول<br>NEW BORN | پهريون هفتو | ٽيون مرحلو<br>(آزاد فضا ۾) |
| ابهم<br>INFANT | ٻئي هفتي کان<br>هڪ سال تائين | |
| ٻاروتڻ<br>CHILDHOOD | ٻئي سال کان<br>15 سالن تائين | |
| بلوغيت يا جواني<br>PUBERTY OR ADOLESCENCE | 19 کان 35 سالن<br>تائين | |
| اڌڙوٽ<br>MATURITY | 40 کان 50 سالن<br>تائين | |
| پوڙهو يا ٻڍو يا ڪَراڙو<br>OLD AGE | 50 کان پوءِ<br>موت تائين | |
| موت<br>DEATH | | |

# ٽامو COPPER

اختر آزاد چانڊيو (ٻيو سال ايم بي بي ايس)
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو

ڪاپر يا ٽامو اسان جي جسم جو اهم معدني مرڪب آهي. هي مرڪب 1817ع ۾ لڌو ويو، سندس نشاني Cu، جڏهن ته ائٽمي وزن 29 آهي. انساني جسم ۾ هن عنصر جي کميءَ ڪري ڪيترين ئي بيمارين ٿي پون ٿيون. جيڪي اسان جي زندگيءَ لاءِ موتمار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

اوهان اڪثر بس ۾ مسافريءَ دوران ان ڳالهه جو مشاهدو ڪيو هوندو ته بس جا ٽائر ۽ ٽيوب ڪمزور هجڻ ڪري اوچتو ٺڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پوندا آهن. نتيجي ۾ ٽيوب ۾ موجود سڀ هوا خارج ٿي ويندي آهي ۽ بس هلڻ کان بيهجي ويندي آهي. بلڪل اهڙيءَ ريت اسان جي جسم جون شريانيون (Arteries) ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هنڌ تان ڪمزور هجڻ سبب رت جو دٻاءُ (Pressure) برداشت ڪري نه سگهنديون آهن ۽ آخرڪار ڦاٽي پونديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ جسم جو اهو حصو يا عضوو جنهن جو تعلق ان شريان سان هوندو آهي، کي رت ملي نه سگهندي آهي ۽ عام طور اهو خطرو اسان جي دماغ جي شريانين (Cerebral Arteries) کي وڌيڪ رهندو آهي، جنهن جي ڪري دماغ کي رت ملي نه سگهندي آهي ۽ آخرڪار انسان تيزيءَ سان موت جو شڪار ٿي سگهندو آهي. اهڙي صورتحال ان وقت پيش ايندي آهي جڏهن جسم ۾ ڪاپر جي گهٽتائي هوندي آهي، جو ته ڪاپر ئي اهو اهم مادو آهي، جيڪو اسان جي رت جي شريانين ۾ مضبوطي پيدا ڪري ٿو.

جسم کي تندرست ۽ توانو رکڻ لاءِ ننڍپڻ کان ڪراڙپ تائين هر وقت ڪاپر جي ضرورت رهي ٿي، جسم ۾ ٽامي جي گهٽتائيءَ ڪري رت جون شريانيون ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿيون

هڪ نارمل انسان لاءِ روزانو تقريبن 2.5 ملي گرام ڪاپر گهربل هوندو آهي، سراسري طور رت ۾ ڪاپر جو نارمل مقدار 114 مائيڪروگرام في 100 ملي لٽر ٿيندو آهي. جڏهن ته حمل جي دوران ۽ ۽ ڪجهه ٻين بيمارين مثال طور Hodgkins Disease ۽ Hyper Thyroidism ۽ رت جي اڇن جزن جي ڪينسر Leukemia دوران رت ۾ ڪاپر جو مقدار وڌي ويندو آهي، جڏهن ته Wilsons Disease ۽ Nephrosis دوران رت ۾ ڪاپر جو مقدار گهٽجي ويندو آهي.

جسم کي تندرست ۽ توانو رکڻ لاءِ ننڍپڻ کان ڪراڙپ تائين هر وقت ڪاپر جي ضرورت رهي ٿي، جسم ۾ ٽامي جي گهٽتائيءَ ڪري رت جون شريانيون ڪمزور ٿيڻ لڳن ٿيون، رت جي گهٽتائي جي بيماري Microcytic Anemia پيدا ٿي پوي ٿي، جسماني واڌ ۾ واڌاري جي رفتار گهٽجي وڃي ٿي ۽ اسان جي جسم جا وار وقت کان اڳ اڇا ٿيڻ لڳن ٿا.

جسم ۾ ڪاپر جي کميءَ ڪري پيدا ٿيندڙ اگرن اثرن کي صحيح نموني سمجهڻ لاءِ مختلف جانورن تي ڪيترائي تجربا ڪيا ويا. آخرڪار طب جا ماهر ان نتيجي تي پهتا ته جسم ۾ ڪاپر جي کوٽ سبب دل جي سڀ کان وڏي شريان (Aorta) جي ڦاٽي پوڻ جو تمام گهڻو خطرو رهي ٿو.

جيڪڏهن اوهان جي جسم ۾ ڪاپر جي کمي آهي ته ان لاءِ ضروري نه آهي ته توهان بيمار ٿي پئو، پر پوءِ به اوهان کي پنهنجي جسم ۾ طاقت ۽ توانائي جي ضروري کوٽ محسوس

## Sorensen مطابق اسپرين ۽ ٽامي جو مرڪب استعمال ڪرڻ سان سنڌن جي سور ۽ سوڄ کي ترت آرام اچي ٿو

پليٽينم ڊاءِ امونيا ڪلورائيڊ Platinum - di Ammonium Chloride) N (ptc N H3) 2 CL2 مرڪب ڪينسر روڪ دوا طور مفيد ثابت ٿيو آهي. هيل تائين ڪينسر ٺيل ڪوئن تي انهيءَ مرڪب استعمال ڪرائڻ جا تجربا ڪامياب رهيا آهن.

سنڌن جي سور ۽ سوڄ (Rheumatoid - Arthritis) جي مريض کي صحت مند رکڻ لاءِ خاص مرڪب جن کي ڪيلٽنگ ايجنٽ چيو وڃي ٿو، استعمال ڪيا ويندا آهن. انهن جو ڪم انساني جسم ۾ ڌاتن جي ڪنهن خاص توازن کي برقرار رکڻ آهي. موجوده فارماسيوٽيڪل ۽ ڪلينيڪل کوجنائن مطابق اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته ٽامي جو مرڪب ڪيترن مرضن ۾ ڪم اچي ٿو. Sorensen مطابق اسپرين ۽ ٽامي جو مرڪب استعمال ڪرڻ سان سنڌن جي سور ۽ سوڄ کي ترت آرام اچي ٿو.

تازو آمريڪا ۾ هڪ کوجنا مطابق اهو ظاهر ڪيو ويو ته ٽامي جا ڪڙا (جيڪي صدين کان هندستان ۾ پائجن ٿا) پارايا ويا ته سور ۽ سوڄ ۾ ڍرائي ٿي وئي. (2) ان کانسواءِ ٽامي کي مختلف بيمارين جي سڃاڻپ لاءِ به ڪم آڻي سگهجي ٿو. امائينوائسڊس - Amino) (Acids اهڙا نامياتي تيزاب Organic) (Acids آهن جن ۾ الڪائل ريڊيڪل جي هئڊروجن ائٽمن جي جاءِ تي انهيءَ بدران امائين گروپ لڳل هوندو آهي. ايل امائنو ائسڊس ڪاڏي جا ضروري جزا آهن ۽ هر نوجوان جي گهرج پنج گرام آهي. جيڪا ان پنجويهه گرام هضم ٿيل پروٽينس مان حاصل ٿئي ٿي. پروٽين وري ٽامي سان مرڪب (Copper Amino Acid Complex) ٺاهين ٿيون.

ڪاپر امائينوائسڊ ڪامپليڪسز نالي مرڪب دوائن طور ڪم اچن ٿا. ٽامي جي ڳوڙهائپ (Concentration) ۾ سور سوڄ جي شدت جو پاڻ ۾ سڌو سنئون لاڳاپو آهي، جيئن ٽامي جو مقدار وڌڻ لڳندو ته سور به وڌندو ويندو.

بدن ۾ ٿيندڙ ڪيميائي عمل جن ۾ کاڌو خوراڪ هضم ٿيڻ شامل آهي سمجهڻ ۾ هڪ تمام وڏو مسئلو آهي ڇو ته جسم ۾ ٿيندڙ ڪيميائي عمل جسم کان ٻاهر تجربيگاهه ۾ آسانيءَ سان نٿا ڪري سگهجن. اڪثر ٽامي (1). جا ڪامپليڪسز پاڻي ۾ اڻ ڳرندڙ هوندا آهن البت ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي پاڻي ۾ نه صرف ڳري سگهن ٿا پر جٽادار (Stable) پڻ هوندا آهن. اهڙو مثال ڪاپرٽائيو يوريا ڪامپليڪس جو آهي. ڪاپر (1) ڪامپليڪسز ناهڻ وقت گندرف ۽ فاسفورس جهڙن نرم ليگيندس کي ترجيح ڏي ٿو.

ٽامو انساني ذات لاءِ مکيه ڌاتن مان هڪ آهي. جيڪو کاڌي جي اهم بنيادي پيچ گهڙ (Key Meta-bolic Function) ۾ ڪم اچي ٿو. ٽامي جي گهٽ يا وڌ هضم ٿيڻ سبب انساني جسم ۾ رت جو ڪينسر (Leuekmia)، سنڌن جو سور يا سوڄ ٿي سگهي ٿي. ٽامي جي غير معمولي پيچ گهڙ (Abnormal Cop-per Metabolism) سبب ولنز ڊزيز ٿيو پوي. جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهو مرض جنيٽڪي بي ترتيبي (Genetic Disorder) جو نتيجو ٿئي ٿو. ٽامي جو مقدار اجان ٿورو وڌيڪ ٿيڻ سان اها واڌ بلند تر زهر ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙو هاجو مرڪزي تنتي سرشتي، مغز، جيري ۽ بڪين کي به نقصان پهچائي سگهي ٿو. ڪن حالتن ۾ ته اهڙي حالت موتمار به ٿي سگهندي آهي.

ٽامون انساني جسم ۾ آزاد حالت ۾ نٿو ٿئي البت ڪن پروٽين ۽ امائينو ائسڊس جي ڪامپليڪسز جو اڻ ٽٽندڙ بنيادي جز هجڻ ڪري گڏيل حالت ۾ پر بنهه خفيف يا پتڪڙي مقدار (Trace)

بدن ۾ ٿيندڙ ڪيميائي عمل جن ۾ کاڌو خوراڪ هضم ٿيڻ شامل آهي سمجهڻ ۾ هڪ تمام وڏو مسئلو آهي ڇو ته جسم ۾ ٿيندڙ ڪيميائي عمل جسم کان ٻاهر تجربيگاهه ۾ آسانيءَ سان نٿا ڪري سگهجن

ڪنڊميمر سان ڪمزور ڪامپليڪسز ٺاهين ٿا ۽ انهن لگينڊس کي ذڪر ڪيل ڏاتي آئينس سان ڪامپليڪسز ٺاهڻ جي هڪ جيتري لوڙهه ٿئي ٿي. هسٽڊين (Histidine) ذريعي ٽٽڻ جي عمل دوران (Dissociatin) معلوم ٿيو آهي ته ڪاپرالبيومن (Copper Albumin) ڪامپليڪسز گهٽ ۾ گهٽ جٽادار (Least Stable) جڏهن ته ڪيرميمر البيومن ڪامپليڪسز وڌ ۾ وڌ جٽادار (Most Stable) ثابت ٿيو آهي. (10) سارڪر (Sarkar) ۽ ڪرڪ (Kruck) ڏيکاريو آهي ته ٽامون رت ۾ پروٽين سيرولوپلاسمين (Ceruloplasmin) طور موجود آهي ۽ اهو مٽاسٽا (Protein Exchange) ۾ حصو وٺڻ جي قابل ناهي ۽ جيري ۾ سينٿيسز (Synthesis) دوران ڪم اچي ٿو يا وري اڪيلي لگينڊ (Single Lignad) يا مليل (Mixed Ligands) جي شڪل ۾ آزاد امائينو تيزابن (Free Amino Acids) سان ملي ڪامپليڪسز ٺاهي ٿو. (11) جيئن ته انساني جسم ۾ ڪاپر امائينو ائسڊ ڪامپليڪسز ٺهن ٿا ته انهن جي طبي ۽ ڪيميائي خاصيتن کي سمجهڻ لاءِ (Magnetic Properties Cirular Dichrosim UV - Visible (Infra Red) طريقا استعمال ڪيا ويا آهن.


## References:

1. J.R.J Sornsen, J. Med. Med,. Chem. 19 (1976) 135.
2. W. r. walker and D.M. Agent And Action Keats 6(1976) 459.
3. J. Teape POh. D. Thesis 1973 Strathyde University Glasgow.
4. J. Persach and W.E. Bluberg. M.d. Pharmacol 5 200. and Reference (1909) there in.
5. t. M Walshe "Biochemistry of Copper" J. Peisachi, P.Aisen and W.E.Blumberg Ed, Academic Press, N.Y. (1966) 475.
6. J. L. Bailer Jr. J, Arner. J. Sci 59 (1971) 581.
7. M.N. Hugles "The In-Organic Chem. of Biological Process" Revised Reprint, Wilny - Inter Science Purl (1975) 289.
8. D.R. Williams The Metal of life "Van Nastrand Co. London (1971) Reinhold 56.
9. G.W. Evans. R.S. Dubois and K.M. Hamrsdgo Science 181.
10. E.L Glroux and R.I. Henking Bio-Inorganic Chemistry 2 (1972) 125.
11. B. Sarkar and T.P A Kruok "Boichamistry of Copper" J. peischi Aisen and W.E. Blumberged Ed Academic Press N.Y. (1966) 185.


## ياد رکو!

**ايڊز لاعلاج آهي ايڊز کان بچڻ جو واحد طريقو آهي مڪمل احتياط. قربت جي لمحن دوران پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکو. ايڊز جو مرض توهان کي موت ڏانهن ڌڪي ڇڏيندو تنهنڪري زندگي الله جي هڪ نعمت آهي انهي سان پيار ڪريو ۽ ٻين کي سيکاريو. زندگي کي بچائڻ هر انسان جو اولين فرض آهي. زنده رهڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي بچايو ۽ قوم کي بچايو.**

# زهريلا مادا: زندگيءَ لاءِ خطرو

الطاف حسين نظاماڻي ۽ طارق احمد نظاماڻي

آئند ٥ صديءَ ۾ اگر انسان کي ڪو اهم مسئلو پيش اچڻو آهي تہ اهو آهي، ماحولياتي آلودگيءَ يا گدلاڻ جو، جنهن جا خطرناڪ نتيجا هينئر کان ئي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي چڪا آهن. ماحولياتي گدلاڻ جو مسئلو خود انسان جوئي پيدا ڪيل آهي، پر هاڻ اهو انسان جي هٿن مان نڪرندو پيو وڃي. اها تباهي انسان پنهنجي هٿن سان پاڻ تيار ڪئي آهي، جيڪا نہ صرف ڌرتيءَ تي موجود هر جاندار پر خود انساني نسل لاءِ موت جو پيغام آهي. جديد ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان ايترو تہ اڳتي نڪري ويو آهي جو اها ترقي هاڻ انسان لاءِ خطري جو باعث بڻجي وئي آهي.

انڊيا جي صوبي پنجاب ۽ يوپي ۾ هڪ سروي دوران ماءُ جي ٿڃ جا 75 نمونا هٿ ڪيا ويا. رپورٽ مطابق سيني ۾ ڊي ڊي ٽي ۽ (D.D.T) ۽ بينزين هيگزا ڪلورائيڊ (B.H.C) زهر موجود هئا. اهي ٻئي زهر ڪهڙي بہ قسم جي جاندار کي مارڻ لاءِ ڪافي آهن. مطلب تہ ٻار اهڙي زهريلي ٿڃ پي رهيا هئا. پاڪستان ۾ البتہ اهڙي قسم جي سروي نہ ٿي آهي، پر ممڪن آهي تہ هتي بہ ٻارن ۽ مائرن کي اهڙي قسم جا مسئلا درپيش هجن. انڊيا ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ جيت مار دوائن جي گهڻي مقدار ۾ استعمال سبب ٻهراڙي جا ٻار ۽ عورتون انهيءَ مصيبت جو شڪار ٿي رهيا آهن. قدرتي ڀاڻ جيڪو جانورن جي ڇيڻن ۽ ٻوٽن سان ملي تيار ٿئي ٿو، زمين جي نائيٽروجن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، جنهن مان زمين ۾ نئون فصل تيار ٿئي ٿو. پر آباديءَ جي وڌڻ سبب ڪاڏي جون ضرورتون بہ وڌنديون رهن ٿيون جنهن سبب وڌيڪ ۽ بهتر فصل حاصل ڪرڻ لاءِ مصنوعي ڪيميائي ڀاڻ ۽ جيت مار دوائن جو استعمال ٿئي ٿو. جن سان فصلن جي پيدوار تہ وڌي ٿي، پر زمين جي پيداوري صلاحيت گهٽجندي رهي ٿي، جيت مار دوائن جو اثر ميون، ڀاڄين ۽ اناجن تي دير تائين قائم رهي ٿو ۽ انساني ۽ حيواني جسمن ۾ خوراڪ وسيلي پهچي وڃي ٿو.

1948ع ۾ نوبل انعام حاصل ڪندڙ ڪيميادان پال ملر، جڏهن ڊي ڊي ٽي متعارف ڪرايو تہ، هر هنڌ انهيءَ جي واکاڻ ڪئي وئي ۽ انهيءَ کي ڪيميائي جادوگر سڏيو ويو. اهو مادو مليريا ۽ ٻين ڪيترن ئي بيمارين کي ختم ڪرڻ کانسواءِ مختلف ڪينئن ۽ جيتن کي مارڻ لاءِ استعمال ٿيندو رهيو. انهيءَ مادي جي انڌاڌنڌ استعمال سبب ڪيترائي ماحولياتي مسئلا پيدا ٿي پيا. انهيءَ ڪري ڪيترن ئي مغربي ملڪن ۾ ان جي استعمال تي پابندي لڳائي وئي.

هاڻي آزار هيءُ پيدا ٿيو آهي جو هڪ تہ اهي جيت مار دوائون هڪ مصيبت ٿي پيون آهن، ۽ ٻيو تہ اهي ڪينئان ۽ جيت جن کي مارڻ لاءِ اهي زهريليون دوائون استعمال ٿين ٿيون، تن جي خلاف جيتن جي قوت مدافعت وڌي وئي آهي، جنهن سان انهن تي زهريلي دوائن جو اثر گهٽ ٿئي ٿو، تنهن ڪري اڃا وڌيڪ اثرن واريون زهريليون دوائون تيار ڪيون پيون وڃن. جيتن ۾ قوت مدافعت وڌڻ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 1938ع ۾ جيتن جا ست قسم ۽ سنڌين جا ڪجهہ اهڙا نسل هئا جن تي زهريلين دوائن جو اثر نہ ٿي ٿيو، پر 1984ع ۾ اهو تعداد وڌي 447 تائين وڃي پهتو. اڄ خبر ناهي تہ اهو تعداد ڪيترو وڌي چڪو آهي. زمين ۾ مصنوعي ڀاڻ جي گهڻي استعمال سبب، زمين جي پيدواري صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي ۽ هر واري ڀيرين کان وڌيڪ ڪيميائي ڀاڻ وجهڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح آبپاشيءَ لاءِ وڏا وڏا بند ۽ بيراج ۽ سوين ميل ڊگها واهہ ۽ ڪئنالون کوٽڻ سان زمين اندر موجود پاڻيءَ جي سطح بلند ٿيڻ لڳي ٿي، جنهن سان زمين کي سم ۽ ڪلر جهڙا مرض لڳن ٿا.

پاڪستان ۾ هر سال سم ۽ ڪلر سبب سوين ايڪڙ زمين تباهہ ٿي رهي آهي. واپڊا جي سالانہ 91-1990 رپورٽ مطابق تہ سم ۽ ڪلر سبب هڪ لک ايڪڙ زمين هر سال بنجر ٿي رهي آهي.

آمريڪا جي زرعي کاتي جي هڪ سروي رپورٽ مطابق موجوده دؤر ۾ هڪ پائونڊ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ 22 پائونڊ زرخيز مٽي خراب ٿي رهي آهي.

2070ع ۾ دنيا جي آبادي 10 ارب ٿي ويندي، ايڏي وڏي آبادي جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ وڌيڪ صنعتي ترقي جي ضرورت پوندي ۽ ان لاءِ وڌيڪ ڪيميائي مادن جو استعمال ڪيو ويندو ۽ ڪيميائي آلودگي ۾ بي پناهہ اضافو ٿيندو.

آمريڪا ۾ ٿيل سروي رپورٽ مطابق ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميائي گندگي جو مقدار 266 ملين ٽن جي برابر ٿي ويو آهي، يعني هر آمريڪي باشندي لاءِ هڪ ٽن ٻجي ناهڻ لاءِ ٻارڻ جو استعمال ۽ گرمي حاصل ڪرڻ جي طريقن سان فضائي آلودگيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو. ڪوئلو، سڀ کان وڌيڪ فضائي آلودگي پيدا ڪري ٿو. ان کانسواءِ ڪارخانن ۽ گاڏين ۾ استعمال ٿيندڙ پيٽرول مان ڪاربان مونو آڪسائيڊ جيڪا سڀ کان وڌيڪ زهريلي گئس آهي، فضا ۾ خارج ٿئي ٿي.

# جانورن جا ڪجهه عضوا انساني صحت لاءِ هاڃيڪار آهن

ڊاڪٽر
رضا ڪوثر پروين ابڙو
ايم ايس سي وٽرنري ميڊيسن
زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

قدرت هر شيءِ ۾ پنهنجو جادو سمايو آهي، ڪي شيون انسان جي فائدي ۾ هونديون آهن ته ڪي وري نقصان ڏينديون. دنيا جي ڪابه طاقت، ڪابه سائنس قدرتي اصولن کي چئلينج ڪري نه سگهي آهي. اهوئي سبب آهي جو هيڏو سارو قدرتي نظام هلي پيو، جنهن کي ڏسي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون.

اسان وٽ عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته جانورن جا جنسي اهميت وارا عضوا خاص ڪري "ٻڪري" جا آنورا کائڻ سان جنسي سگهه وڌي ويندي آهي، جيڪو بلڪل غلط آهي، عام طور تي ڪيترائي جانور حلال هوندا آهن، جن جو اسين گوشت چربي وغيره استعمال ڪندا آهيون پر جانورن جي طبي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته جانورن جي هيٺين عضون جي استعمال سان بيماريون به وڌي سگهن ٿيون. اسين عام طور تي جانورن جا جيرا، ٻڪيون، مغز ۽ دل استعمال ڪندا آهيون. اسان جي ذهن ۾ اها شيءِ هوندي آهي ته جيترو وڌيڪ گوشتوا پرائيندا سون اوترو فائدو رسندو. پر اهو خيال غلط ثابت ٿيو آهي، ڇو ته، جانورن جا مخصوص عضوا گهڻو ڪري جيوڙن سان ڀريل هوندا آهن، جيڪي باهه تي پچائڻ جي باوجود به ختم نه ٿيندا آهن، جنهن ڪري انسان جي صحت سڌرڻ بجاءِ وڌيڪ خراب ٿي وڃي ٿي. ان حوالي سان سنڌي ۾ ڪوڙ ساريون چوڻيون موجود آهن.

هينئر ڏسڻو اهو آهي ته هن سائنسي دوري ۾ اهي چوڻيون ڪيتريون صحيح آهن ۽ ڪيتريون غلط آهن. ان سلسلي ۾ هڪ روايت جيڪا حضرت صادق رضہ جن جي آهي، فرمائين ٿا ته رئيس عضون جي استعمال کان پرهيز ڪريو، ڇو ته انساني صحت لاءِ تمام گهڻو نقصانڪار آهن. اڄ جي جديد Veternary Medical Science ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سوين سال اڳ اسان جي ڏاهن جون اسان کي ٻڌايل ڳالهيون قياسي طور صحيح هيون. هن وقت جديد سائنس جي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته مغز، جيرو، ٻڪي، دل ۽ ڦڦڙن ۾ تمام گهڻو ڪلسٽرول موجود هوندو آهي ڪولسٽرول (Choliestrol) چربي جو هڪ خاص قسم آهي، جيڪو رت نلين ۾ ڄمي وڃڻ ڪري انهن ۾ رنڊڪ پيدا ڪري ٿو. چربي جو غيرمعمولي استعمال دل جي مريضن لاءِ نهايت ئي خطرناڪ آهي.

هن وقت جديد سائنس جي تحقيق اهو ثابت ڪيو آهي ته مغز، جيرو، ٻڪي، دل ۽ ڦڦڙن ۾ تمام گهڻو ڪلسٽرول موجود هوندو آهي. ڪولسٽرول (Choliestrol) چربي جو هڪ خاص قسم آهي، جيڪو رت نلين ۾ ڄمي وڃڻ ڪري انهن ۾ رنڊڪ پيدا ڪري ٿو. چربي جو غيرمعمولي استعمال دل جي مريضن لاءِ نهايت ئي خطرناڪ آهي.

جانورن جي گهڻي رغبت سان استعمال ٿيندڙ جيري، ٻڪي ۽ مغز ۾ اهڙا زهريلا مادا پڻ موجود آهن، جيڪي اسان جي غذا ذريعي جسم ۾ داخل ٿي وڃن ٿا، ۽

اها ڳالهہ ڏسي تپرس ۾ پئجي ويو آهي تہ بخار جهڙي موضوع تي کوجنا کندي، ان تي ايترو گهٽ ڇو لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن کو وڏو اپياس کيو ويو آهي تہ اهو ونڊرلڪ جو آهي، جنهن 16 سالن کان بہ مٿي عرصي دوران 25 هزارن کان بہ وڌيڪ ماڻهن جو ٽمپريچر رڪارڊ کيو.

ان سلسلي ۾ پنهنجي سر تحقيق کرڻ لاءِ مئڪووڪ کي هڪ اهڙي اڳ موجود ڊيٽا بہ ملي جيڪا يونيورسٽي آف مئري لئنڊ جي حاصل کيل هئي، جنهن تحت اتان جي سائنسدانن 148 ماڻهن جو وات رستي 700 دفعا ٽمپريچر رڪارڊ کيو هو، جن اسيءَ جي ڏهاکي دوران تجرباتي ويڪسين لاءِ پاڻ کي والنٽيئرن طور پيش کيو هو.

اهي سڀ والنٽيئر 18 ۽ 40 سالن جي وچ واري عمر جا هئا. اها هڪ اهم معلومات هئي، ڇاکاڻ تہ انهن جو سراسري ٽمپريچر ٻارڙن يا وڏڙن سان لاڳو ٿي نٿي سگهيو.

مئڪووڪ چوائي تہ، ونڊرلڪ ان دور جي حساب کتاب جي طور طريقن ۽ قديم اوزارن سبب پنهنجيءَ کوجنا ۾ محدود رهيو، يعني تہ اهي ٿي ٻہ اهڙا سبب هيا جنهن کري هو ان انگ کان کجهہ هٽيل رهيو.

مئڪووڪ کي فلاڊيلفيا جي مٽر ميوزم ۾ رکيل ونڊرلڪ جي هڪ ٿرماميٽر جي اپياس کرڻ مان اها خبر پئي تہ ان تي گهٽي مٿي تائين نشان لڳل هئا. مثال طور جديد دور جي ٿرماميٽر تي جيڪڏهن 37 ڊگريون سينٽر گريڊ ٽمپريچر رڪارڊ کيو وڃي ٿو تہ اهو اوائلي دور جي ٿرماميٽر تي 38.6 ڊگريون ڏيکاريندڙ هو.

شايد تہ 98.2 ڊگريون ٽمپريچر کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها حد آهي جنهن اندر ٽمپريچر گهٽ وڌ ٿيندو رهي ٿو ۽ اها آهي 96 ڊگرين کان 99.9 ڊگرين تائين. ٿلهي ليکي مئڪووڪ چوائي تہ، ان جو اهو مطلب ٿيو تہ جيڪڏهن ريڊنگ ان حد اندر هجي تہ اهڙو فرد اهو بہ چئي سگهي ٿو تہ کيس بخار ناهي.

شايد تہ 98.2 ڊگريون ٽمپريچر کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها حد آهي جنهن اندر ٽمپريچر گهٽ وڌ ٿيندو رهي ٿو ۽ اها آهي 96 ڊگرين کان 99.9 ڊگرين تائين. ٿلهي ليکي مئڪووڪ چوائي تہ، ان جو اهو مطلب ٿيو تہ جيڪڏهن ريڊنگ ان حد اندر هجي تہ اهڙو فرد اهو بہ چئي سگهي ٿو تہ کيس بخار ناهي.

## دعائن جو اثر

انگلئينڊ ۾ فزڪس جي هڪ پروفيسر هڪ اهڙي تجربي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هو اهو مشاهدو ڪري ڏسندو تہ، دعا ۾ ڪيترو اثر آهي. اهي تجربا ٻن سالن تائين ڪيا ويندا ۽ ان ۾ ڪل 6 سئو فرد شامل ۽ اهي ٽن ٽولين ۾ ورهايل هوندا. اهي سڀ دل جي آپريشن ڪرائڻ جي انتظار ۾ آهن.

انهن مان ٻن ٽولين جي فردن کي اهو ٻڌايو ويندو تہ، سندن صحتيابي لاءِ پلي تہ ماڻهن جي ڪا اهڙي جماعت هجي، جن جي دعائن ۾ اثر هجي. ائين هڪ ٽوليءَ لاءِ دعائون گهريون وينديون تہ ٻئي لاءِ نہ. پروفيسر جو هن تجربي مان اهو مشاهدو ڪري ڏسڻو آهي تہ ان مان ڇا ٿو حاصل ٿئي.

جي ضرورت ڪونہ آهي.

3- ايــــچ. آءِ. وي خاص ڪــــري جنسي مــيل مــيــلاپ چاهي اهو مــرد ۽ عورت جو هجي يا هم جنسي هجي، هڪ فـرد وائرس ۾ ڦاٿل هئڻ سبب ٻئي فـرد کي ڦاسائي ٿو. انڪانســـواءِ وائرس ۾ ڦاٿل فرد لاءِ استعمال ٿيل انجيڪشن جو سـرنجون، سـيـون، ٻئي اڻ ڦـاٿل فـرد ۾ استـعـمـال ڪرڻ ۽ وائرس ڦاٿل فـرد جو خون ڪنهن ٻئي فـرد کي منتـقل ڪرڻ، اهڙا جراحي جا اوزار جيـڪي ائڊز وائرس ڦاٿل فرد تي استعمال ٿيا هجن ويڙهہ ۾ استـعـمـال ٿيندڙ ڇرا يا تلوارون وغيره يا حجام جا بليڊ جن تي وائرس ڦاٿل فرد جو تازو خون لڳل هجي ۽ ٻئي صحتمند فرد جي جسـم تي استـعمال ٿين يا انهن جو لاڳاپو ان جي زخمي يا ڦـاٽل چمـڙي سان ٿـئي تہ بہ ان ٻئي فـرد جي وائرس ۾ ڦـاسڻ جا امــڪــان آهن. ان ڪــان ســواءِ وائرس ۾ ڦــاٿل مـــاءُ پنهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي پيٽ اندر، ويم دئوران يا کير ڏيڻ وقت ان ۾ ڦاسائي سگهي ٿي.

ائـڊز وائرس (H.I.V) جسـم جي ڪيترين ئي رطوبتن ۾ موجود هوندو آهي پر اهڙيون رطوبتون جيئن ٿڪ وغيره ۾ ان جي تيزي ايتري تہ گهٽ هوندي آهي جو ان ذريعي ٻيو ماڻهو متاثر ڪونہ ٿي سگهندو آهي. ايچ. آءِ. وي جي ٻئي فـرد کي ڦــاســائڻ واري سطح (Infection Level) خون- مـــرداڻي پاڻي يا زنانين رطوبتن ۽ مـاءُ جي کـير ۾ تمام وڏيڪ هوندي آهي. تنهن ڪري اهو ســمـجهڻ گـهـرجي تہ ايچ. آءِ. وي جي پکڙجڻ جا خاص سـبب غير مـحـفـوظ جنسي مـيلاپ وائـرس وارو خون لـڳڻ يـا وائـرس واري مريض تي استـعمال ٿيل سـرنجن جو ٻئي فرد تي استعمال، وائرس ڦاٿل ماءُ جي ٻار ۾، پيٽ دوران، ويم دوران يا کير پيارڻ

### 4- غير محفوظ جنسي ميلاپ:

ســـــڄي دنيــــــا ۾ ايچ. آءِ. وي انفيڪشن جو 85 سيڪڙو غير محفوظ جنسي ميلاپ سبب ٿئي ٿو. اهو مرد مان عـورت، مـرد مـان ٻئي مـرد ۽ عورت مـان مرد کي لڳي سگهي ٿو. اهو اهڙي جنسي عمل سان ٿئي ٿو جنهن ۾ مرداڻو پاڻي، زنانـيـون رطوبـتـون يا خون هڪ ٻئي سـان ملن ٿـــا ۽ جنسي عـــمـل دوران جنسي عـضـون تي آيل رڳڙ ان جي ڦـهـلاءَ جو مکيہ سبب بڻجي ٿي..

ايچ. آءِ. وي انفـيـڪـشن ٿـيـڻ جا موقعا اهڙن فردن ۾ وڌيڪ ٿين ٿا جن ۾ پهريائين ٻيون جنسي وچڙندڙ بيمـاريون جهڙوڪ سفلس يا هرپيس وغيره موجود هونديون آهن ڇاڪاڻ تہ انهن بيــمـــارين ســبب اڳ ۾ ئي جنسي عـضــون تي زخم موجود هوندا آهن ۽ انهن زخمن مان ائڊز جا وائرس آســانـي ســــان جسـم اندر ٽپي ويندا آهن- اهڙو فرد جنهن جنهن جنسي وچڙندڙ بيــمـــارين جو عــلاج نہ ڪرايو هوندو ســو بہ ٻئي فـــرد کي ائڊز وائرس مان آساني سان ڦاسائي سگهي ٿو.

### 5- ائــڊز وائرس، ڦــهـلائڻ جا زمــيوار وائرس ۾ ڦــاٿل فـرد يا غير محفوظ طريقو؟

اهو چوڻ تہ معاشري ۾ ائڊز ڦهلائڻ جا زمـيوار ائڊز وائرس ۾ ڦـاٿل فرد آهن ايـترو صحيح نہ آهي جيترو ائڊز ڦهلائڻ وارن طريقن جو عام استعمال- مثال طور ڪو فـرد ائڊز وائرس ۾ ڦـاٿل آهي هاڻي ڊاڪٽر ان تي استعمال ڪيل سرنج وري ٻئي فرد تي استعمال ڪري ٿو تہ ان جو زميوار اهو وائرس ۾ ڦاٿل فرد نہ پر انجيڪشن استعمال ڪرڻ وارو طريقو آهي.

### 6- ڇا ايچ. آءِ. وي جي اينٽي باڊي ٽيسٽ معاشري کي ائڊز کان محفوظ رکي سگهي ٿو.

جڏهن بہ ڪنهن فــرد ۾ ايچ. آءِ. وي يا ائڊز جا وائرس داخل ٿيندا آهن تہ اهي وائرس خون ٽيسٽ ڪرڻ مهل سڌا سنوان خون ۾ نظر نہ ايندا آهن. جڏهن ائڊس وائرس جسـم ۾ داخل ٿيندو آهي تڏهن وائرس جي مد مقابل انساني جسـم ڪجهہ جزا تيـار ڪندو آهي جنهن کي اينٽي باڊيز چيـو ويندو آهي. جنهن وقت ائڊز وائرس (H.I.V) جي مـــوجودگي لاءِ خون ٽيـسـٽ ڪيـو ويندو آهي تڏهن اهي اينٽي باڊيز ئي خون ۾ نظر ايندڀون آهن جنهن سان ڄاڻ ٿيندي آهي تہ جنهن جي جسـم ۾ H.I.V اينٽي باڊيز موجود آهن، تنهن ۾ ائڊز وائرس (H.I.V) بہ ضرور موجود هوندا. هاڻي جڏهن ڪنهن بہ جسـم ۾ ائڊز وائرس داخل ٿيندو آهي تہ ان ۾ اينٽي باڊيز فــوراً تيــار ڪونہ ٿينديون آهن پر انهن جي تيار ٿيڻ ۾ 6 کان 8 هفتا لڳيو وڃن پر ڪنهن حالتن ۾ تہ 3 کان 6 مهينن جو عرصو بہ لڳي وڃي ٿــو. تنهن ڪري اهو لازمي نہ آهي تہ ڪوبہ مـــاڻهـــو جڏهن ائڊز وائرس (H.I.V) ۾ ڦـــاسي تہ ان جي خون ٽيسٽ ڪرڻ سان فوراً سندس بيماري جو پتـو پوي ۽ جيســتـائين پتـو پوي پوي تيـســتـائين هو پنهنجي جسـم اندر داخل ٿـيل ائڊز وائرس مـان وري ٻين فـردن کي پڻ ڦـاسائي سگهي ٿـو. اهڙي طرح سـان اهو چئي سگهجي ٿـو تہ ائڊز وائرس جي اينٽي باڊي ٽيـسـٽ ائڊس/ وائرس جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ ناڪام آهي.

# Forging Stronger Links Worldwide

The only thing new is our symbol and products introduced from time to time - the art of thread making is the same which was perfected by Coats more than a century ago. All that experience is available to you today - thread that won't snap, shades that will always be the same and quality that is never compromised. That makes us the biggest: to the benefit of our industrial and domestic customers alike in 55 countries.

COATS

## The world's largest thread makers

COATS Coats Pakistan

**J. & P. Coats Pakistan (Pvt.) Ltd.**

KARACHI
P. & O. Plaza, P.O. Box 4613, I.I. Chundrigar Road, Karachi-74000.
Tel: UAN 111-115-115 Fax: 92-21-2431831

LAHORE
4-Nizam Block, Allama Iqbal Town, Main Wahdat Road, P.O. Box 382,Lahore. Tel: UAN 111-115-115 Fax: 7833844

C-2-97 LASER DOT

# ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن

پڙهندڙ هنن صفحن تي ڇاپيل خاص دڪاندارن جا ڪوپن ڪينچي سان ڪٽي ڪوپن ۾ لکيل تاريخ واري معياد اندر انهن وٽان مقرر ڪيل رعايت حاصل ڪري سگهن ٿا.

لاڙڪاڻي جي مرڪزي علائقي ۾

هر قسم جي بيڪري ۽ جنرل اسٽور وارين شين جو مرڪز

## ثناء بيڪرز (ايئرڪنڊيشنڊ)

پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 30 ڊسمبر 1999 تائين هر گراهڪ کي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاء ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي سلوار، قميص، پينٽ شرٽ ۽ ويسڪيٽ جي سلائي جو اعليٰ مرڪز

## ريلائنس ٽيلرز

شاپ نمبر 11-16 پرگڙي پلازا سامهون جنرل پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو پرپرائٽر: احمد علي حيدري

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 30 ڊسمبر 1999 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي سلائي تي پنج سيڪڙو (5%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاء ڪارآمد هوندو.

---

هر قسم جي ڏندن جي بيمارين جو علاج تسلي بخش

ڊاڪٽر بشير احمد ڏهراج

## چيزل ڊينٽل ڪلينڪ

106 اي سليم سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال، ڪراچي

فون: 465179-4985393

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 30 ڊسمبر 1999 تائين هر مريض کي هر قسم جي علاج تي 10 سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاء ڪارآمد هوندو.

---

خون، پيشاب، بلغم، پائخاني وغيره جي هر قسم جي معياري ٽيسٽ جو مرڪز

## نيشنل پيٿالاجيڪل ليباريٽري

نزد الحبيب هوٽل بئريج روڊ سکر

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 30 ڊسمبر 1999 تائين هر قسم جي ٽيسٽ ڪرائڻ تي ڏهه سيڪڙو (10%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاء ڪارآمد هوندو.

---

سياسي- ادبي ۽ مذهبي ڪتابن جو مرڪز

## سنڌي بوڪ اسٽور

نئون ديرو

ويچ جي هن ڊسڪائونٽ ڪوپن پيش ڪرڻ تي 30 ڊسمبر 1999 تائين هر گراهڪ کي هر قسم جي ڪتابن تي 25 سيڪڙو (25%) رعايت ڏني ويندي.

نوٽ: فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ناقابل قبول هوندي.

هڪ ڪوپن هڪ ئي دفعي لاء ڪارآمد هوندو.

---

### هر قسم جي ڌنڌي وارا دوست توجهه ڏين

هر قسم جي دڪاندارن، هوٽل، ميڊيڪل اسٽور، پيٿالاجي ليباريٽري ۽ ٻين ڌنڌي وارن لاءِ ويچ ڊسڪائونٽ ڪوپن اسڪيم ۾ مفت شموليت" اوهان هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪري پنهنجو ڪاروبار وڌائي سگهو ٿا.

**لکپڙهه لاءِ:**

**مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويچ، جي. پي. او باڪس نمبر 568 ڪراچي.**

